هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

# اولاد جي تربيت ۽ والدين جون ذميواريون

( اسلامي ڀينرن جي لاءِ )

06-April-2017

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

# اولاد جي تربيت ۾ والدين جون ذميواريون

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُولَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرُودِپاڪ جي فضيلت

شهنشاه مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جڏهن خميس جو ڏينهن ايندو آهي، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ ملائڪن کي موڪليندو آهي جنهن وٽ چاندي جا ڪاغذ ۽ سون جا قلم هوندا آهن، اهي لکن ٿا، ڪير خميس جي ڏينهن ۽ جُمُعي جي رات مون تي ڪثرت سان دُرُودِ پاڪ پڙهي ٿو.
(ڪنزالعمال ، الجزء الاول ،١/٢٥٠،حديث:٢١٧٤)

يا نبی! تجھ پہ لاکھوں دُرُود و سلام اِس پہ ہے ناز مجھ کو ہوں تیرا غُلام
اپنی رحمت سے تو شاہِ خیرُ الاَنام مجھ سے عاصی کا بھی ناز برداَر ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.
(المعجم الڪبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدی الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

**ٻہ مدني گُل**: 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

2 جيتريون سنيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجھ سان بيان ٻُڌندَس ❁ ٽيک لڳائي ويھڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا پيجي ويهندَس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندَس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندَس، گهورڻ، جهڙڪڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندَس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ پست آواز سان جواب ڏيندَس ❁ اجتماع کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندَس. ❁ جيڪو ڪجھ ٻڌندَس ان کي ٻڌي ڪري سمجھي ڪري ان تي عمل ڪرڻ کان پوءِ مان ٻين تائين پهچائي ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس، ❁ دورانِ بيان موبائل جي غير ضروري استعمال کان بچندَس، نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز (چو تہ ان جي اجازت ناهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شيخ ڪرماني جي تربيت يافتہ ڌيءَ

حضرت سيّدنا شيخ شاھ ڪِرماني رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه نهايت متقي ۽ پرهيزگار هئا، سندن شهزاديءَ جيڪا خوبصورت ۽ حسين هئڻ سان گڏوگڏ نيڪ ۽ پرهيزگار هئي، جڏهن شادي لائق ٿي تہ بادشاھ وٽان رشتو آيو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ٽن ڏينهن جي مهلت گهري ۽ مختلف مسجدن ۾ گهمي ڪنهن پرهيزگار جي ڳولا ڪرڻ لڳا. هڪ نوجوان تي سندن نظر پئي جنهن سهڻي نموني نماز ادا ڪئي، شيخ ان کان پڇيو: ڇا توهان جي شادي ٿيل آهي؟ ان جواب ڏنو: نہ، پوءِ

www.dawateislami.net

پڇيائون: ڇا نڪاح ڪرڻ چاهيو ٿا؟ ڇوڪري قرآن شريف پڙهندي آهي، نماز روزي جي پابند آهي ، خوبصورت ۽نيڪ سيرت  به آهي. ان چيو: مون سان ڪير رشتو ڪندو! شيخ فرمايو: مان ڪندس، هي ڪجهه درهم وٺ! هڪ درهم جي ماني، هڪ درهم جي سالن ڀاڄي ۽ هڪ درهم جي خوشبوء وٺي اچ. اهڙي طرح حضرت سيدنا شيخ ڪِرماني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي پنهنجي نيڪ سيرت نياڻي جو نڪاح ان سان پڙهائي ڇڏيو. ڪنوار جڏهن گهوٽ جي گهر آئي ته ان ڏٺو ته دِلي جي مٿان هڪ ماني رکيل آهي. ان پڇيو هي ماني هتي ڇو رکيل آهي؟ گهوٽ چيو: هي ڪالهوڪي پاروٿي ماني آهي مون اِفطار لاءِ رکي هئي، اهو ٻڌي اها واپس وڃڻ لڳي. گهوٽ اهو ڏسي چوڻ لڳو: مون کي خبر هئي ته حضرت سيّدنا شيخ ڪِرماني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي جي شهزاديءَ مون غريب جي گهر نه رهي سگهندي. ڪنوار چيو: مان توهان جي غربت (Poverty) جي ڪري نه بلڪ انهيءَ لاءِ واپس وڃي رهي آهيان ته ربُّ العٰلمين تي توهان جو يقين ڪمزور محسوس ٿي رهيو آهي مون کي پنهنجي والد تي حيرت آهي جو انهن اوهان کي پاڪيزه خصلت ۽ صالح ڪيئن سمجهيو! گهوٽ اهو ٻڌي گهڻو شرمسار ٿيو ۽ ان چيو: انهي ڪمزوري لاءِ معذرت خواهه آهيان. ڪنوار چيو: پنهنجو عذر پاڻ ڄاڻو، البت! مان اهڙي گهر ۾ نه ٿي رهي سگهان جتي هڪ وقت جو کاڌو رکيل هجي، هاڻي يا ته مان رهندس يا ماني. گهوٽ هڪدم ماني ٻاهر وڃي خيرات ڪئي.

(روض الرياحين،الحکاية الثانيه والتسعون بعد الما ئة ،ص١٩٢،ملخصاً )

رہیں سب شاد گھر والے شہا تھوڑی سی روزی پر    عطا ہو دولتِ صبر و قناعت یا رسولَ اللہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!    صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ ! پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ٻڌو اوهان ته زماني جي مشهور

ولي الله حضرت سَيدُنا شيخ ڪرماني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه پنهنجي نُورِ نظر جي ڪيتري قدر بهترين انداز ۾ مدني تربيت فرمائي هئي ۽ سندن تربيت يافته ڌيءُ جو توڪل بہ ڪيتري قدر زبردست هو جو پنهنجي مڙس جي گهر ۾ مُناسب سهولتن ۽ مال و دولت جي ڪثرت نہ هئڻ جي ڪري ناراض نہ ٿيون بلڪ شڪوو ڪيو بہ تہ هن ڳالھ جو تہ اِفطاري جي لاءِ ماني بچائي ڇو رکي آهي؟ ڇاڪاڻ تہ هنن جي ويجهو اهو توڪل جي خلاف هو، ان شهزاديءَ ڪي اها مدني سوچ سندن والدِ گرامي حضرت سَيدُنا شيخ ڪرماني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي مدني تربيت جي بدولت ئي ملي هوندي تہ جيڪي پاڻ مُتقي، پرهيزگار ۽ رب تعالٰي تي ڪامل ڀروسو رکڻ وارا بُزرگ هئا. تنهنڪري پاڻ انهيءَ انداز تي پنهنجي نياڻي جي مدني تربيت فرمائي ۽ انهن جي لاءِ عبادت گذار شخص جي ڳولها ڪئي تہ جيئن تقويٰ ۽ پرهيزگاري جون برڪتون سندن نسلن ۾ بہ منتقل ٿين، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن انسان پاڻ نيڪ هجي تہ ان جي نيڪين سان ان جي نسلن کي بہ فائدو ٿيندو آهي، جيئن

حضرت سَيدُنا عبدُالله ابنِ عبّاس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهمَا فرمائن ٿا: بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ انسان جي نيڪين سان ان جي اولاد ۽ اولاد، دَر اولاد جي اصلاح فرمائيندو آهي ۽ ان جي نسل ۽ ان جي پاڙيسرين ۾ ان جي حفاظت فرمائيندو آهي ۽ اهي سيئي الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان پردي ۽ امان ۾ رهندا آهن. (در منثور، ۵/۴۲۲، پ١٦، تحت الآية ٨٢)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان جي مُعاشري (Society) ۾ اولاد جي تَربِيت جي معاملي ۾ گهٽي غفلت جو مُظاهرو ڪيو ويندو آهي، شايد ان جو سبب هي آهي تہ والدين (Parents) پاڻ تربيت يافته نہ آهن ۽ جيڪو پاڻ شرعي اَحڪامن کان اڻ واقف ۽ تربيت جو مُحتاج هجي تہ هو ٻين جي تربيت ڪيئن ڪري ٿو سگهي، تنهنڪري جڏهن ان آزاد خيال والدين جي نياڻين جا رشتا اچڻ لڳندا آهن تہ والدين هن ڳالھ کي ترجيح ڏيندا آهن تہ ڇوڪرو امير و

ڪبير، مختلف دنيوي علوم و فنون جون ڊگريون رکندڙ ۽ ماڊرن گهراڻي سان تعلق رکندڙ هجي نماز چاهي هڪ نه پڙهندو هجي، جيتوڻيڪ فاسق ۽ فاجر (يعني اعلانيه گناهه ڪرڻ وارو) هجي، حرام روزي ڪمائيندو هجي، ماڻهن کي ڌوڪو ڏيڻ ۾ مشهور هجي، دِين جا ضروري مسئلا به نه ايندا هجن، مطلب ته بي عملي جو نمونو ئي ڇو نه هجي، جڏهن ته جيڪڏهن ڪوئي اهڙي ڇوڪري سان نڪاح جو مشورو ڏئي جنهن جي آمدني (Income) گهٽ هجي جيتوڻيڪ 100% فيصد حلال هجي، زال جا حق (Rights) ادا ڪرڻ تي به قادر هجي، متقي و پرهيزگار ۽ دِيندار هجي، علم و عمل، شرم و حيا ۽ سنّتن جو پيڪر هجي، خوفِ خدا ۽ عشقِ مُصطَفٰي جي دولت سان مالا مال هجي، امامِ مسجد، مؤذِن، قاري يا مدني ماحول سان وابسته هجي ته مَعَاذَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جي باري ۾ ان طرح جا جُملا چيا ويندا آهن ته اڙي! ان سان شادي ڪرائي ته اسان جي ڌيءِ بُکايل مري ويندي، گهر ۾ قيد رکندو، متي ڪان پيرن تائين پردي ۾ رکندو وغيره وغيره. يادرکو! سنا والدين اهڙي ناداني هرگز ناهن ڪندا بلڪ هو ته پنهنجي پيرن ڌيئرن جي نڪاح جي لاءِ هميشه دِيندار شخص (Religious) جي تلاش ۾ رهندا آهن.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جي آقا و موليٰ، مُحَمَّد رَسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به دِيندار شخص سان نڪاح ڪرڻ جو حڪم ارشاد فرمايو آهي، جيئن

رسولِ بي مثال، بي بي آمنه جي لال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جڏهن توهان کي اهو شخص پيغامِ نڪاح ڏئي جنهن جي دينداري ۽ اَخلاق توهان کي پسند آهن ته نڪاح ڪري ڇڏيو، جيڪڏهن ائين نه ڪندو ته زمين ۾ فتنا ۽ وڏا فساد برپا ٿي ويندا. (ترمذي،٢/٣٤٤،حديث:١٠٨٦)

مشهور مُفَسِّرِ قرآن، حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان نعيميرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه

فرمائن ٿا: يعني جڏهن توهان جي نياڻي جي لاءِ ديندار، سنين عادتن ۽ بهترين طور طريقي وارو ڇوڪرو ملي وڃي تہ صرف مال جي هوَس ۾ ۽ لک پتي جي انتظار ۾ جوان نياڻي جي نڪاح ۾ دير نہ ڪريو، ان ڪري جو جيڪڏهن مالدار جي انتظار ۾ ڇوڪرين جا نڪاح نہ ڪيا ويا تہ هيڏانهن گهڻيون ڇوڪريون ڪنواريون ئي رهجي وينديون ۽ هوڏانهن گهڻا ڇوڪرا پڻ بغيرشادي جي رهجي ويندا، جنهن سان بدڪاري ڦهلجندي ۽ بدڪاري جي ڪري ڇوڪريءَ وارن کي شرمندگي ٿيندي، نتيجو اهو نڪرندو تہ خاندان پاڻ ۾ وڙهندا، قتل ۽ غارت ٿيندا، جنهن جا اڄڪلهہ نظارا عام آهن. (مرآة المناجيح،۵/۸ملخصاً)

اسان جا اسلاف ڪرام ڌيءُ جو رشتو ڪندي دين دار شخص کي ڳوليندا هئا

## بِنتِ سعيد بن مُسيب جي پرورش

حضرت سيدنا سعيد بن مسيب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي صاحبزادي حسن و جمال جي پيڪر هئي، پاڻ پنهنجي ڌيءُ جي تربيت اهڙي طرح فرمائي جو اها نہ صرف قرآنِ پاڪ جي حافظ هئي بلڪ حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن کي بہ تمام گهڻو سڃاڻڻ واري هئي. جيڪڏهن هي چيو وڃي تہ اها صورت سان گڏوگڏ حسنِ سيرت جي دولت سان بہ مالامال هئي تہ غلط نہ ٿيندو. اهو ئي سبب هو جو خليفہ عبدالملڪ بن مروان اوهان ڏي اوهان جي هن ڌيءُ جي لاءِ پنهنجي پٽ وليد جي شادي جو پيغام موڪليو پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه انڪار ڪري ڇڏيو، خليفہ تمام گهڻي ڪوشش ڪئي تہ ڪهڙي طرح هي راضي ٿي وڃن پر پاڻ انڪار فرمائيندا رهيا، پوءِ اهو ظلم ۽ ستم تي اچي ويو ۽ هڪ ٿڌي رات ان ظالم اوهان کي 100 ڪوڙا ماريا ۽ اون جو جبو پارائي سندن تي ٿڌو پاڻي هاري ڇڏيو پر پوءِ بہ پنهنجي ڌيءُ جو رشتو نہ ڏنو پاڻ پنهنجي ڌيءُ کي جو ننڍپڻ کان جيڪو پاڪيزگي ۽ طهارت جو درس ڏنو هو پاڻ نہ چاهيندا هئا تہ اها دنيا جي رنگينين ۾ وساري ڇڏي. اهو سبب هو جو پاڻ پنهنجي هن ڌي

www.dawateislami.net

جو نڪاح پنهنجي هڪ شاگرد حضرت سيدنا ابو وداعہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه سان فرمايو جيڪو انتهائي غريب هو.

حضرت سيدنا ابو وداعہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه پاڻ پنهنجي هن شادي جو واقعو ڪجهه هن طرح بيان فرمائن ٿا تہ مان حضرت سيدنا سعيد بن مسيب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي محفل ۾ باقاعدگي سان حاضر ٿيندو هيس، پوءِ ڪجهه ڏينهن حاضر نہ ٿي سگهيس. جڏهن بيهر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه وٽ حاضر ٿيس تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه پڇيو: ايترا ڏينهن ڪٿي هئين؟ مان عرض ڪيو: منهنجي اهليہ جو انتقال ٿي ويو آهي بس انهي پريشاني ۾ ڪجهه ڏينهن حاضري جي سعادت نہ ٿي سگهي. هي ٻڌي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جن فرمايو: مون کي اطلاع ڇو نہ ڏني تہ مان بہ جنازي ۾ شرڪت ڪريان هان؟ حضرت سيدنا ابو وداعہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: ان تي مان خاموش رهيس. جڏهن مان رخصت چاهي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جن فرمايو: ڇا ٻئي شادي ڪرڻ چاهيو ٿا؟ مون عرض ڪيو: حضور! مان تمام غريب آهيان، مون وٽ مشڪل سان ڪجهه درهم هوندا، مون جهڙي غريب جي شادي ڪير ڪرائيندو. تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائڻ لڳا: مان تنهنجي شادي ڪرائيندُس. مان حيران ٿيندي عرض ڪيو: ڇا اوهان منهنجي شادي ڪرائيندو؟ فرمايائون: ها! مان تنهنجي شادي ڪرائيندس. پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه الله عَزَّوَجَلَّ جي حمد بيان ڪئي ۽ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود و سلام پڙهيو ۽ منهنجي شادي پنهنجي ڌي سان ڪرائي. مان اتان اٿس ۽ گهر جي طرف روانو ٿيس. مان ايترو خوش هيس جو مون کي سمجهہ ۾ نہ پيو اچي تہ مان ڇا ڪريان، پوءِ مان سوچڻ لڳس تہ مون کي ڪنهن ڪنهن کان پنهنجو قرض وصول ڪرڻو آهي، اهڙي طرح مان اچڻ وارن لمحات جي باري ۾ سوچڻ لڳس پوءِ مان مغرب جي نماز مسجد ۾ ادا ڪئي ۽ بيهر گهر آيس. مان گهر ۾ اڪيلو ئي هيس، پوءِ مان زيتون جو تيل ۽ ماني دستر خوان تي رکي کائڻ شروع ئي

ڪيو هو تہ دروازي تي دستڪ ٿي. مون پڇيو: ڪير؟ آواز آئي: سعيد. مان سمجهي ويس تہ ضرور هي حضرت سيدنا سعيد بن مسيب رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه ئي هوندا. ايتري دير ۾ اهي اندر تشريف ڪٽي آيا. مون عرضِ ڪيو: اوهان مون کي پيغام موڪليو هان، مان پاڻ ئي اچان هان. فرمائڻ لڳا: نہ! توهان هن ڳالهہ جا وڌيڪ حقدار آهيو جو توهان وٽ اچيو وڃي. مون عرض ڪيو: فرمايو! منهنجي لاءِ ڇا حڪم آهي؟ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمايو: هاڻي توهان غير شادي شده نہ آهيو، توهان جي شادي ٿي چڪي آهي، مان هن ڳالهہ کي ناپسند ڪريان ٿو تہ توهان شادي ٿيڻ کان پوءِ بہ اڪيلا ئي رهو، پوءِ پاڻ هڪ طرف هٽيا تہ مون ڏٺو تہ ان جي ڌيءُ ان جي پويان بيٺي هئي، انهن ان جو هٿ پڪڙيو ۽ ڪمري ۾ ڇڏي آيا ۽ مون کي فرمايائون: هي توهان جي زال آهي. ايترو چوڻ کان پوءِ تشريف ڪٽي ويا. مان دروازي جي ويجهو ويس ۽ جڏهن اطمنان ٿي ويو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه وڃي چڪا آهن تہ واپس ڪمري ۾ اچي ان شرم و حيا جي پيڪر کي زمين تي ويٺل ڏٺو.

مان جلدي سان زيتون جو تيل ۽ مانيون وارو ٿانو ڪٽي هڪ طرف رکي ڇڏيو تہ جيئن اها نہ ڏسي سگهي. پوءِ مان پنهنجي مڪان جي ڇت تي چڙهي پنهنجي پاڙيسرين کي آواز ڏيڻ لڳس. ٿوري دير ۾ سڀ جمع ٿي ويا ۽ پڇڻ لڳا: ڪهڙي پريشاني آهي؟ مون جڏهن ٻڌايو تہ سيدنا سعيد بن مسيب رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه پنهنجي ڌيءُ سان منهنجي شادي ڪرائي ڇڏي آهي. اهي پنهنجي ڌي کي منهنجي گهر ڇڏي ويا آهن تہ ماڻهن بي يقيني سان پڇيو: ڇا واقعي حضرت سيدنا سعيد بن مسيب رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه توهان سان پنهنجي ڌيءُ جي شادي ڪرائي آهي؟ مون چيو: جيڪڏهن يقين نہ ٿو اچي تہ منهنجي گهر اچي ڏسو،ان جي ڌيءُ منهنجي گهر ۾ موجود آهي. هي ٻڌي سڀ منهنجي گهر اچي ويا. جڏهن منهنجي والده کي هي معلوم ٿيو تہ اها بہ فورًا ئي اچي وئي ۽ مون کي

فرمائڻ لڳي: جيڪڏهن ٽن ڏينهن کان پهريان تون ان جي ويجهو وئين ته تو تي منهنجو چهرو ڏسڻ حرام آهي. مان 3 ڏينهن انتظار ڪندو رهيس، چوٿين ڏينهن جڏهن ويس ۽ ان کي ڏٺو ته بس ڏسندو ئي رهيس. اها حسن و جمال جي شاهڪار هئي، قرآنِ پاڪ جي حافظ، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن کي وڏيڪ ڄاڻڻ واري ۽ مڙس جي حقن کي تمام گهڻو سڃاڻڻ واري هئي. اهڙي طرح هڪ مهينو گذري ويو. نه حضرت سيدنا سعيد بن مسيب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مون وٽ آيا ۽ نه ئي مان حاضر ٿي سگهيس، پوءِ مان ئي ان وٽ ويس. اهي تمام گهڻن ماڻهن جي جهرمٽ ۾ جلوه فرما هئا، سلام جواب کان پوءِ مجلس جي ختم ٿيڻ تائين انهن مون سان ڪا ڳالهه نه ڪئي، جڏهن سڀ ماڻهو هليا ويا ۽ منهنجي علاوه ڪو ٻيو نه بچيو ته انهن مون کي فرمايو: ان انسان کي ڪيئن پاتو؟ مان عرض ڪيو: حضور! (اوهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ڌي اهڙين صفات جي حامل آهي جو) شايد ڪوئي دشمن ئي ان کي ناپسند ڪري نه ته دوست ته اهڙين شين کي پسند ڪندا آهن. فرمايائون: جيڪڏهن اها تون کي تنگ ڪري ته تون لٺ سان اصلاح ڪجان. پوءِ جڏهن مان گهر جي طرف روانه ٿيس ته انهن مون کي 20 هزار درهم ڏنا جنهن کي مان کڻي گهر آيس.

پياريون اسلامي ڀينرون! اوهان ٻڌو اسان جا اسلاف ڪرام پنهنجي نسلن کي متقي ۽ پرهيزگار بڻائڻ جي لاءِ ڪهڙيون ڪوششون فرمائيندا هئا ۽ آزمائشن جي باوجود به همت نه هاريندا هئا. اسان کي به گهرجي ته اولاد جي سٺي تربيت سان گڏوگڏ ان جو رشتي ڪرڻ ۾ دينداري کي مد نظر رکون.

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان تي لُطف وڪرم فرمائڻ واري، عطائن جي بارش وسائڻ واري ۽ بي شُمارنعمتن سان نوازڻ واري رَبّ عَزَّ وَجَلَّ جي ڪروڙين نعمتن مان هڪ عظيم نعمت اولاد به آهي، اولاد اهڙي نعمت آهي جو جنهن سان گهر ۾ خُوشين جو راڄ هوندو آهي، نيڪ اولاد اهڙي نعمت

آهي جيڪو والدين جي پوڙهائپ (Old age) ۾ انهن جو سهارو ٿيندو آهي، چڱو اولاد ماءُ پيءُ جي مرڻ کان بعد انهن جي نجات جو ذريعو بڻجندي آهي. الله عَزَّوَجَلَّ جڏهن ڪنهن کي هن نعمت سان نوازيندو آهي ته والدين جي خوشي جي انتها ناهي رهندي پر گڏوگڏ انهن جو امتحان به شروع ٿي ويندو آهي. هاڻي هي والدين تي آهي هو اولاد جي اسلامي تربيت ڪري ان امتحان ۾ ڪامياب ٿين ٿا يا نه. ياد رکو! عام طور پار والدين جي عادتن ۽ ڪردار جي پيروي ڪندا آهن جيڪڏهن والدين شريعت جا پابند ۽ علم جي طلب جا شوقين هجن ته انهن جو نسل به نيڪين جي راهه تي گامزن رهي ٿو ۽ والدين جي نجات و بخشش ۽ نيڪ نامي جو سبب بڻجي ٿو، ۽ جيڪڏهن والدين پاڻ بُري عادتن جا شڪار هجن ته اولاد ۾ به اهي بُرائيون منتقل ٿي ويندئون آهن ۽ اهڙو اولاد نجات جو سبب ناهي، بلڪ هلاڪت جو سبب بڻجي ويندو آهي. ياد رکو! اولاد جي تربيت ماءُ پيءُ ٻنهي جي ذمه داري آهي پر پيءُ ڪمائڻ جو بهانو بڻائي اولاد جي تربيت جي سڄي ذِميواري ٻارن جي ماء تي وجهي پاڻ کي بَري الذّمه سمجهندو آهي، جڏهن ته ٻارن جي ماءُ گهر جي ڪمن جو عذر پيش ڪريَ اولاد جي تربيت جو اصل ذِمّيوار پنهنجي مڙس کي قرار ڏيندي آهي، نتيجو هي نڪرندو آهي ته اهڙو اولاد هٿن مان نڪري تمام گهر وارن جي لاءِ زحمت جو سبب بڻجي ويندو آهي. تنهنڪري والدين کي گهرجي ته پنهنجي ذمه داري نڀائيندي ملڪ و ملت ۽ مستقبل جي انهن معمارن کي ننڍپڻ ئي کان نيڪ ۽ معاشري جو باڪردار فرد بنائڻ ۾ هرگز سُستي نه ڪن ڇاڪاڻ ته ننڍپڻ ۾ جيڪو سڪايو ويندو، ان جا اثرات مضبوط ۽ پائيدار هوندا آهن جيئن ته حديث پاڪ ۾ آهي: اَلْعِلْمُ فِی صِغَرِہٖ کَالنَّقْشِ عَلَی الْحَجَرِ ننڍپڻ ۾ علم حاصل ڪرڻ پٿر تي نقش وانگر (پختو) هوندو آهي. (مجمع الزوائد، ۱/۳۳۳، حديث:۵۰۱۵)

اچو! اولاد جي تربيت جي باري ۾ اسان کي تربيت جو ذهن ڏيڻ واري

آقاء اسان کي ۽ اسان جي اولاد کي جهنم جي باهه کان بچائڻ واري مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا پيارا پيارا 4 فرمان ٻڌون ٿا:

1. جڏهن نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اها آيت مبارڪ تلاوت فرمائي

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَاَهْلِيْكُمْ نَارًا (پ 28 التحريم: 6)

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! پنهنجي جانين ۽ پنهنجي گهروارن کي ان باهه کان بچايو .

ته صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان هيئن عرض ڪرڻ لڳا: ”يا رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسين پنهنجي اهل و عيال کي جهنم جي باهه کان ڪهڙي نموني بچائي سگهون ٿا؟ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: توهان پنهنجي اهل و عيال کي انهن شين جو حڪم ڏيو جيڪي **الله** عَزَّوَجَلَّ کي پسند آهن ۽ انهن کمن کان روڪيو جيڪي ربّ تعاليٰ کي پسند نہ آهن.“ (دُرِّ مَنثور، ٨ / ٢٢٥)

2. ارشاد فرمايائون: پنهنجي اولاد کي ٽن خصلتن جي تعليم ڏيو (١) پنهنجي نبي (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي محبت (٢) اهلِ بيت جي محبت ۽ (٣) قرآنِ پاڪ جي تعليم. (جامع صغير،باب الهمزه، حديث:٣١١، ص٢٥)

3. ارشاد فرمايائون: اولاد جو والد تي اهو حق آهي تہ ان جو سنو نالو رکي ۽ بهترين ادب سکائي. (شعب الايمان،باب في حقوق الأولاد والأهلين،حديث:٨٦٥٨،٦/٦،٤٠٠)

4. ارشاد فرمايائون: ڪنهن پيءُ پنهنجي اولاد کي اهڙو تحفو ناهي ڏنو، جيڪو سٺي ادب کان بهتر هجي. (ترمذي، كتاب البر والصلة، باب ما جاء في ادب الولد، ٣/٣٨٣، حديث: ١٩٥٩)

مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الأمّت، حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: سٺي ادب مان مُراد ٻار کي دِيندار، مُتّقي، پرهيزگار بنائڻ

www.dawateislami.net

آهي. اولاد جي لاءِ ان کان بهتر تحفو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو جو اهي شيون دِين و دنيا ۾ ڪم اينديون آهن. ماءُ پيءُ کي ڪپي ته اولاد کي صرف مالدار بڻائي دنيا مان نه وڃن، انهن کي دِيندار بڻائي وڃن جو خود انهن کي به قبر ۾ ڪم اچي جو زنده اولاد جي نيڪين جو ثواب مُرَدي کي قبر ۾ ملندو آهي.

(مرآة المناجيح،٦/٥٦٥،ملتقطاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ٻارن جي اسلامي تعليم ۽ مدني تربيت جي جيتري ضرورت اڄ آهي شايد ان کان اڳ ۾ ڪڏهن نه هئي ڇاڪاڻ ته اڄ هر پاسي شيطاني ڪمن ۽ گناهن جي آلات جي گهڻائي آهي ۽ اولاد کي رڳو دُنيوي تعليم سان آراسته ڪرڻ وارو رجحان تيزي سان وڌندوپيو وڃي ، جڏهن ته اڳ واري دَور ۾ اولاد جي لاءِ دِيني تعليم کي گهڻي حيثيت ڏني ويندي هئي، شايد اهو ئي سبب آهي جو ان زماني ۾ والدين سان گڏ انهن جو اولاد به متقي، پرهيزگار ۽ فرمانبردار هوندو هو پر هاڻي دنيوي تعليم کي ترجيح ڏني پئي وڃي، اهو ئي سبب آهي ته انگلش ميڊيم اسڪولن ۾ وڏين فيسن جي ادائيگي ۽ هر آسائش ۽ سهولتن جي فَراهمي ان ڪري ڪئي ويندي آهي ته ٻارن جو دُنيوي مستقبل روشن ٿي وڃي، سٺي نوڪري (Job) ملي وڃي، خوب بينڪ بيلنس گڏ ٿئي ايستائين جو هن مقصد جي تڪميل جي لاءِ والدين پنهنجي اولاد کي ٻاهرين ملڪ پڙهڻ جي لاءِ به موڪليندا آهن، ائين دُنيوي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ٻار پڪو دنيا دار، سٺو بزنس مين ۽ فيشن جو نمونو ته بڻجي ويندو آهي پر نيڪ ۽ باعمل مسلمان نه بڻي سگهندو آهي.

اولاد جي تربيت جو ذهن ڏيڻ جي لاءِ مسلمانن کي چوٽ ڪندي حڪيم الأُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: مسلمانن ۾ اهو طريقو آهي ته

www.dawateislami.net

نندپڻ ۾ پنهنجي اولاد جي اخلاق ۽ آداب جو خيال نٿا رکن. (ڪجهه)غريب ماڻهو ته پنهنجي ٻارن کي آواره ڇوڪرن سان گڏ راند روند جي اجازت ڏين ٿا ۽ انهن جي تعليم وارو زمانو خراب صحبتن ۽ راند روند ۾ برباد ٿيندو آهي، اهي ٻار يا ته جوان ٿي پنڻ شروع ڪندا آهن يا ذِلّت واريون نوڪريون ڪندا آهن يا چور ڌاڙيل يا بدمعاش بڻجي پنهنجي زندگي جيل خاني ۾ گذاريندا آهن ۽ مال دار ماڻهو پنهنجي ٻارن کي شروع کان شوقين مزاج بڻائيندا آهن، انگريزي وار رکائڻ، فضول خرچ ڪري سيکارڻ ، هر وقت بوٽ سوٽ وغيره پارائن ٿا، پوءِ پاڻ سان گڏ سينما ۽ فنڪشن ناچ رنگ جي پروگرامن ۾ انهن کي شريڪ ڪن ٿا، جڏهن اهو نونهال ڪجهه هوش وارو ٿيندو آهي ته ان کي ڪلمي تائين به نه سيکاريو، ڪاليج يا اسڪول ۾ داخل ڪرائي ڇڏيو. گهڻو خرچ ڪرڻ، فيشن ايبل بڻجڻ سکاريو ويو. خراب صحبتن سان صحت ۽ مذهب ٻئي برباد ٿي ويا، هاڻي جڏهن نونهال ڪاليج کان ٻاهر آيو ته جيڪڏهن خاطر خواه نوڪري ملي وئي ته صاحب بهادر بڻجي ويو، هاڻي نه ماءُ جو ادب ڄاڻي، نه پيءُ کي سڃاڻي، نه گهروارن جي حقن جي خبر، نه اولاد جي پرورش کان واقف، انهن جي ذِهن ۾ اعليٰ ترقي اها آئي ته اسان کي ماڻهو انگريز سمجهن، ٻڌايو پاڻ کي ٻي قوم ۾ فنا ڪرڻ به ڪا ترقي آهي! جيڪڏهن ڪا معقول جڳهه نه ملي تو انهن ويچارن کي گهڻي مصيبت ٿيندي آهي ڇو ته ڪاليج ۾ خرچ ڪرڻ سکيو. ڪمائڻ نه سکيو، ڪارائڻ نه سکيو، پنهنجو ڪم نوڪرن کان ڪرائڻ سکيو، پاڻ ڪرڻ نه سکيو هاڻي اهي ماڻهو ڪاليج واري زندگي گذارڻ جي لاءِ شريف بدمعاش ٿي ويندا آهن يا جعلي نوٽ بڻائي زندگي جيل ۾ گذاريندا آهن يا ڌاڙيل بدمعاش بڻجندا آهن هي اهي ماڻهو آهن. جيڪي ٻار پرورش جي زماني ۾ چڱيون صحبتون نٿا ماڻن، اهي جوان ٿي ماءُ پيءُ کي گهڻو پريشان ڪندا آهن، اسان وڏن فيشن ايبل صاحبزادن جي ماءُ پيءُ کي ڏٺو آهي ته هو روئيندا وتندا آهن، مفتي صاحب تعويذ ڏيو جنهن سان ٻار چوڻ ۾ اچن، اسان جي قبضي ۾ اچي. پر دوستو! فقط تعويذ سان ڪم

www.dawateislami.net

نتو هلي ڪجھ نيڪ عمل بہ ڪرڻ گھرجي. (اسلامي زندگي ،ص۲۹،۳۰)

مری آنیوالی نسلیں ترے عشق ہی میں مچلیں انہیں نیک تو بنانا مدنی مدینے والے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اها حقيقت آهي تہ انسان جيڪو پوکي ٿو اهو ئي لڻي ٿو، ائين نتو ٿي سگھي تہ پوکيو ڪجھ ٻيو هو پر جڏهن لڻڻ جو وقت آيو تہ نڪتو ڪجھ ٻيو، بس اهو ئي مثال اولاد جو آهي تہ والدين اولاد جي اسلامي طريقي سان تربيت نٿا ڪن پر پوءِ بہ اها توقع رکن ٿا تہ”**اسان جو اولاد بہ نيڪ پرهيز گار بڻجي، والدين جو فرمانبردار بڻجي، مُعاشري ۾ عزّت دار ۽ پاڪيزه ڪردار وارو بڻجي**“ جڏهن نتيجو ان جي خلاف ايندو آهي تہ ڪافي دير ٿي چڪي هوندي آهي، ان وقت والدين جيڪڏهن اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ بہ چاهين تہ نٿا ڪري سگھن، بِگڙيل اولاد کان بيزار والدين جيڪڏهن ٿڌي دل سان انهن جي بگڙجڻ جي سببن تي غور ڪن تہ انهن کي ان ۾ پنهنجو قُصور وڌيڪ نظر ايندو، مثال طور ٻار جيڪڏهن ڪم ڪار نہ ڪري يا ان معاملي ۾ سُستي جو مظاهرو ڪري، اسڪول يا ڪوچنگ سينٽر (Coaching Center) جي موڪل ڪري يا دير سان وڃي، پڙهائي ۾ چور هجي، ڪنهن تقريب ۾ وڃڻ جو يا مخصوص لباس پائڻ جو چيو وڃي ۽ هو ان تي راضي نہ ٿئي، اهڙي طرح ٻين دنيوي معاملن ۾ ٽنائي سستي ڪري يا هٺ ڌرمي جو مظاهرو ڪري تہ والدين نيڪ ناڪ ڪلاس وٺندا آهن، خوب ڪاوڙ ڪندا، ڪلاڪن جا ڪلاڪ ليڪچر ڏيندا آهن، ايستائين جو مارڪٽ کان بہ ناهن هٽندا پر جيڪڏهن ٻار نمازون قضا ڪري يا جماعت سان نماز نہ پڙهي، مدرسي يا جامعہ جي موڪل ڪري يا دير سان وڃي، موبائل فون واٽس ايپ وغيره جي ذريعي نامحرمن سان ميل جول رکي، فلمون ڊراما ڏسي، ڳانا باجا

www.dawateislami.net

ٻڌي، نت نوان فيشن اپنائي، حرام ۽ حلال جي پروا نہ ڪري، شراب پيئي، جُوا کيڏي، ڪوڙ ڳالهائي، غيبتون ڪري، ناجائز فيشن اپنائي، ڏاڙهي ڪوڙائي يا هڪ مُٺ کان گهٽائي، بد عقيده ماڻهن جي صحبت ۾ ويهي، فُضول ڪمن ۾ پيسو اُڏائي، الغرض طرح طرح جي بُرائين ۾ مبتلا هجي تہ انهن مُعاملن ۾ پڇا ڳاڇا ڪرڻ تہ رهي پري جي ڳالهہ بلڪ والدين جي پيشاني تي گهنج نٿو پوي. اولاد جي مدني تربيت نہ ڪرڻ جي سبب والدين (Parents) کي ڪهڙا ڪهڙا ڏينهن ڏسڻا پوندا آهن. اچو! هن باري ۾ هڪ عبرت انگيز حڪايت ٻڌون ٿا ۽ عبرت جا مدني گل گڏ ڪيون ٿا، جيئن

## ڇا پُٽ ۾ ڪڏهن پيءُ کي ماريندو آهي؟

تَنبِيہ الغافِلين ۾ آهي تہ ”سَمَرقند“ جي هڪ عالم ابو حفص رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وٽ هڪ شخص آيو ۽ چوڻ لڳو: منهنجي پٽ مون کي ماريو آهي ۽ تڪليف ڏني آهي، ان حيران ٿيندي پڇيو: ڇا ڪڏهن پٽ بہ پيءُ کي ماريندو آهي؟ ان جواب ڏنو: جي ها، ائين ئي ٿيو آهي؟ ابو حفص رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پڇيس ڇا تو ان کي علم ۽ ادب سيکاريو آهي؟ ان شخص انڪار ڪيو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پُڇيس: ”قرآن ڪريم سيکاريو آهي.“ ان ٻيهر انڪار ڪيو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وري پڇيس تہ ”پوءِ اهو ڇا ڪندو آهي؟ ان جواب ڏنو: ”ٻني ٻارو ڪندو آهي.“ ابو حفص رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو: ڇا توکي خبر آهي تہ هن توکي ڇو ماريو؟ ان چيو: ”نہ“ ابو حفص رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان کي اصلاح خاطر سمجهائيندي فرمايو: ”منهنجو تہ هي خيال آهي جڏهن صبح جي وقت هو گڏهہ تي سوار ٿي ٻنيءَ ڏانهن ويندو هوندو. ڏاند (Bull) ان جي اڳيان ۽ ڪتو (Dog) ان جي پويان هوندو، قرآن ان کي پڙهڻ ايندو نہ هوندو، ان ڪري هو ڪجهہ جهونگاري رهيو هوندو، ايتري ۾ تون ان جي سامهون آيو هوندين. ان سمجهيو هوندو تہ ڍڳي آهي ۽ تنهنجي مٿي تي ڪا شيءِ هڻي هوندائين، شُڪر ڪر جو تنهنجو مٿو نہ ڦاڙيائين. (تَنبِيہ الْغافِلين،ص٦٨)

www.dawateislami.net

اچو! هاڻي هڪ روايت ٻڌو ۽ اولاد جي مدني تربيت جو ذهن بڻايو.

## جبل برابر نيڪيون ڪم نہ آيون

(قيامت جي ڏينهن) هڪ شخص جا پار ٻچا رب عَزَّ وَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ حاضِر ٿي فرياد ڪندا تہ اي اسان جا ربّ عَزَّ وَجَلَّ ! هن شخص کان اسان جو حق ڏيار، ڇو تہ هن اسان کي اسان جي دِين جا اَحڪام نہ سکاريا ۽ هي اسان کي حرام کارائيندو هو پر اسان بي خبر هئاسين، تنهنڪري ان شخص کي حرام روزي جي سبب ايتري قَدَر ماريو ويندو جو ان جو گوشت ڇڻي پوندو، پوءِ ان کي مِيزان (يعني ترازو) ڏانهن آندو ويندو، ملائڪ ان جون جبل جي برابر نيڪيون کڻي ايندا تہ اَهل وعِيال مان هڪ شخص ان جي نيڪين مان کڻي وٺندو. ٻيو وڌندو اهو بہ ان جي نيڪين مان پنهنجي ڪمي پوري ڪندو. (اهڙي طرح ان جون تمام نيڪيون ان جا گهر وارا کڻي وٺندا) هاڻي هو پنهنجي گهر وارن ڏانهن متوجهہ ٿي چوندو: منهنجي مٿي تي صرف انهن گناهن جو بوجهہ رهي ويو آهي جيڪي مون توهان جي خاطِر ڪيا. ملائڪ اِعلان ڪندا: هي اهو شخص آهي جنهن جون تمام نيڪيون ان جا پار ٻچا کڻي ويا ۽ هو انهن جي ڪري جهنم ۾ داخِل ٿيو. (قُرَّةُ العيون،الباب الثامن في عقوبةقاتل النفس وقاطع الرحم ،ص۴۰۱ ملخصاً)

تُوْبُوْا اِلَى الله اَسْتَغْفِرُ الله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

دل کے پھپھولے جل اُٹھے سینے کے داغ سے — اس گھر کو آگ لگ گئی گھر کے چراغ سے

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ٻڌو اوهان تہ جيڪي والدين پنهنجي اولاد جي مدني تربيت نٿا ڪن تہ انهن کي ڪهڙي شرمندگي ۽ رُسوائي کي منهن ڏيڻو پوندو آهي. تنهنڪري بهترين والدين هئڻ جو ثبوت ڏيندي پنهنجي اولاد

www.dawateislami.net

کي قرآنِ ڪريم سان مَحَبَّت ۽ ان جي احڪامن تي عمل ڪرڻ سيکاريو.

صَدرُ الشَّريعه حضرتِ علاّمہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: سڀ کان مُقَدَّم (اهم) هي آهي تہ ٻارن کي قرآنِ مجيد پڙهايو ۽ دِين جون ضَروري ڳالهايون سيکاريون وڃن، روزو، نماز ۽ طهارت خريدو فروخت ۽ اُجرت ۽ ٻين مُعامَلن جا مسئلا جنهن جي روز مرّه حاجت پوندي آهي ۽ اڻ ڄاڻائي سبب خلافِ شَرع عمل ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ مبتَلا ٿيندا آهيون انهن جي تعليم ڏني وڃي. جيڪڏهن ڏسو تہ ٻار کي عِلم ڏانهن رُجحان (Interest) آهي ۽ سمجهدار آهي تہ علمِ دين جي خدمت کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ڪم آهي ۽ جيڪڏهن استِطاعت نہ هجي تو درست عقيدا ۽ ضروري مسئلا سيکارڻ کان پوءِ جنهن جائز ڪم ۾ لڳايو اختيار آهي. (بهارِ شريعت ج ٢ ص ٢٥٦،ملخصاً) ڇوڪريءَ کي بہ عقائد ۽ ضَروري مسئلا سيکارڻ کان پوءِ ڪنهن عورت کان سِلائي ۽ نقش و نگار وغيره اهڙا ڪم سيکاريو جنهن جي عورتن کي اڪثر ضَرورت پوندي آهي ۽ کاڌو پچائڻ ۽ ٻين گهر جي ڪمن ۾ ان کي سليقو سيکارڻ جي ڪوشش ڪريو ڇوتہ سليقي واري عورت جنهن خوبي سان زندَگي گذاري سگهندي آهي بدسليقہ نٿي گذاري سگهي. (بهارِ شريعت ج ٢ ص ٢٥٧)

حضرتِ علاّمہ قُرطُبي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه نَقل فرمائن ٿا: اسان تي فرض آهي تہ پنهنجي اَولاد ۽ پنهنجي گهروارن کي دِين جي تعليم ڏيون، سٺيون ڳالهيون سيکاريون ۽ انهن کي ادب ۽ هنر جي تعليم ڏيون جنهن بنا گذارو ناهي.
(تفسير قُرطبي،١٤٨/٩)

اڄ فتنن سان ڀرپور هن زماني ۾ بہ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اهڙا والدين موجود آهن جيڪي شريعت جي حڪم تي پنهنجو مٿو جهڪائي همت ۽ حوصلي سان معاشري جي طعنن کي برداشت ڪندي اولاد جي اصلاح ۽ انهن جي اسلامي

طريقي سان مدني تربيت ڪري پنهنجي ۽ ان جي آخرت بهتر بڻائڻ جي لاءِ ڪوششون ڪن ٿا، اهو ئي سبب آهي تہ ان مدني ذهن رکڻ وارن جي اولاد مان ڪو حافظِ قرآن ٿيندو آهي، ڪو قاري قرآن بڻجڻ جي سعادت ماڻيندو آهي، ڪو نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ وارو مبلغِ دعوتِ اسلامي بڻجي ٿو، تہ ڪو عِلمِ دِين جي روشني ڦهلائڻ وارو عالمِ دين ۽ مفتي بڻجي اُمَّتِ محبوب جي شرعي رهنمائي ڪري ٿو. جنهن ماءُ پيءُ جا ٻار ان انداز سان دِين جي خدمت ڪري رهيا هجن اهي هن حقيقت سان بخوبي واقف هوندا تہ ڊاڪٽر ۽ انجينئر وغيره بڻائڻ جا فائدا (Benefits) صرف دنيا تائين ئي محدود هوندا آهن جڏهن تہ نيڪ اولاد والدين جي وفات کان بعد بہ فائدي مند ثابت ٿيندو آهي.

حضرت سَيدُنا بريده رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي تہ ٻنهي جهان جي مالڪ و مختار، حبيبِ پروردگار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن قرآن پڙهيو ۽ ان کي سکيو ۽ ان تي عمل ڪيو ان جي والدين کي قيامت جي ڏينهن نور جو هڪ اهڙو تاج پارايو ويندو جنهن جي چمڪ سج جيان هوندي ۽ ان جي والدين کي بہ حُلّا پارايا ويندا جنهن جي قيمت هي دُنيا ادا نٿي ڪري سگهي تہ هو پڇندا، اسان کي هي لباس ڇو پارايا ويا آهن؟ انهن کي چيو ويندو: توهان جي ٻارن قرآن کي سنڀاليو ان جي سبب. (مستدرڪ ،ڪتاب فضائل القرآن، باب من قراالقرآن وتعلمه الخ، رقم: ٢١٣٢، ٢/ ٢٤٨)

هڪ ٻي هنڌ تي ارشاد فرمايائون تہ بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ هڪ نيڪ ٻانهي جو درجو جنت ۾ بلند فرمائيندو تہ هو چوندو تہ اي منهنجا ربّ عَزَّوَجَلَّ! مون کي اهو مرتبو ڪيئن مليو؟ تہ الله عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو تہ تنهنجي پٽ تنهنجي لاءِ بخشش جي دعا گهري آهي.(مشکاۃالمصابيح،کتاب الدعوات،باب الاستغفار والتوبة،حديث:٢٣٥٤، ١/ ٤٣٠)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! والدين هن فضيلتن کي انهيءَ صورت ۾

www.dawateislami.net

حاصل ڪري سگهن ٿا جڏهن پاڻ علم و عمل ۾ سنّتن جا پيڪر، خوفِ خدا رکندڙ ۽ علمِ دين سان مَحَبَّت رکندڙ هجن. جيڪڏهن اسان به انهن صفتن جا پيڪر بڻجڻ چاهيون ٿا ته دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃون اسان جو ايندڙ نسل به انهيءَ راهه تي گامزن رهندو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اولاد جي تربيت جي حوالي سان بزرگانِ دين ۽ پهرين جي مسلمانن جو ڪردار اسان جي لاءِ مشعلِ راهه آهي چاڪاڻ ته اهي حضرات اولاد جي تربيت جي طريقن سان بخوبي واقف ۽ اولاد جهڙي نعمت جا صحيح معني ۾ قدردان هوندا هئا جو خود انهن جي پرورش به ته ڪنهن نيڪ سيرت والدين جي آغوش ۾ ٿي هئي، اهي حضرات پاڻ به نيڪين جا حريص هوندا هئا ۽ پنهنجي اولاد کي به نيڪي جي راهه تي گامزن رهڻ جي ترغيب ڏياريندا هئا، اهو ئي سبب آهي جو انهن جو اولاد انهن جو مُطيع ۽ فرمانبردار، اکين جو ٺار، دل جو قرار هوندو هو ۽ معاشري ۾ انهن جو نالو روشن ڪندو هو. اچو! ترغيب طور 2 ايمان افروز واقعا ٻڌون ٿا ۽ ان مان حاصل ٿيڻ وارا مدني گل پنهنجي دِل جي مدني گلدستي ۾ سجايون ٿا.

## ٻَوڙاٽي عورت جي نصيحت:

امام اصمعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: مون هڪ ٻَوڙاٽي عورت کي ڏٺو جيڪا پنهنجي پٽ کي نصيحت ڪندي چئي رهي هئي: پٽ! عمل جي توفيق اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي طرفان آهي ۽ آئون توکي نصيحت ٿي ڪريان ته ◈ چغلي هڻڻ کان بچندو رهجان چو ته هي بن قبيلن ۾ دشمني ڪرائيندي آهي، دوستن کي جدا ڪري ڇڏيندي آهي ۽ ◈ ماڻهن جي عيبن جي ڳولا ۾ رهڻ کان بچ جو ڪٿي تون به عيب دار نه ٿي وڃين، ◈ عبادت ۾ ڏيکاءُ ۽ ◈ مال خرچ ڪرڻ ۾

بخل کان بچندو رھ ◈ ٻين جي انجام کان سبق حاصل ڪجان ◈ ماڻھن جو جيڪو عمل توکي سٺو لڳي انھيءَ تي عمل ڪجاء ۽ انھن ۾ جيڪو ڪم توکي برو لڳي انھيءَ کان بچندو رھجان چو تہ ماڻھو کي پنھنجا عيب (Fault) نظر ناھن ايندا، پوءِ اھا عورت خاموش ٿي وئي تہ مون چيو: اي ڳوناٽي عورت! توکي خدا جو قسم! وڌيڪ نصيحت ڪر. ھن پڇيو: اي شھري! ڇا توکي ھڪ ڳوناٽيءَ جون ڳالھيون سٺيون لڳيون آھن؟ مون چيو: خدا جو قسم! سٺيون لڳيون آھن. ھن چيو: ◈ پٽ! ڏوکي ڏيڻ کان بچندو رھجان چو تہ تون ماڻھن سان جيڪي معاملا ڪرين ٿو ڏوکو ڏيڻ ان ۾ سڀ کان برو آھي، ◈ سخاوت، ◈ علم، عاجزي ◈ حياء کي اپنائي وٺ ۽ ھاڻي آئون توکي خدا عَزَّوَجَلَّ جي حوالي ڪريان ٿي، توتي سلامتي ھجي، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ توتي رحم ڪري. ◈ ياد رک! غيبت ڪرڻ حالتِ اسلام ۾ ٽيھ (30) دفعا زنا ڪرڻ کان بہ سخت گناھ آھي. (آنسووں کا دریا، ص۲۴۹)

غیبت و چغلی کی آفت سے بچیں یہ کرم یا مصطفٰی فرمایئے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## تاجدارِ مدني انعامات ۽ تربيتِ اولاد

مبلغِ دعوتِ اسلامي ۽ رُڪنِ مرڪزي مجلسِ شوريٰ حاجي ابو جُنيد زَم زَم رضا عطاري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیه جي ٻارن جي امّي جو بيان ڪجھ ائين آھي تہ مرحوم پنھنجي اولاد سان گھڻو پيار ڪندا ھئا، ڏيٿرون گھر ايندي ھيون تہ مصروفيات جي باوُجُود انھن کان ملڻ گھر ايندا ھئا. گھر ۾ جڏھن ڪنھن جي غَلَطي جي اِصلاح ڪندي لھجو ٿورو سخت ڪندا ھئا تہ گڏوگڏ وضاحت بہ ڪندا ھئا تہ ”**مان آخِرت ۾ نجات ۽ توھان جي فائدي جي لاءِ سمجھائي رھيو آھيان.**“ ماني کائڻ وَقت ٻارن جي ذريعي دُعائون پڙھائي ۽ سنّت جي مطابق

www.dawateislami.net

ماني کائڻ جي ترڪيب ڪندا هئا. حتَّي الامڪان پٽن کي نماز جي لاءِ گڏ وٺي ويندا هئا، مَدَني قافلي ۾ سفر جي لاءِ ويندا هئا تہ **نماز** جي تاڪيد ڪري ويندا هئا ۽ سفر جي دوران بہ S.M.S جي ذرِيعي معلومات ڪندا هئا تہ نماز ادا ڪري ورتي يا نہ؟ بيماري جي حالت ۾ بہ پنهنجي وڏي شهزادي کي فرمايائون: جيئن ئي منهنجي طبيعت بحال ٿيندي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ بہئي مَدَني قافلي ۾ سفر ڪنداسين. شهزادي کي موبائل وٺي ڏيڻ کان منع ڪندي ذِهن بڻايو تہ جيئن تہ اميرِ اهلسنّت باني دعوتِ اسلامي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه ٻارن کي موبائل وٺي ڏيڻ کان منع فرمايو آهي ان ڪري مان اوهان کي موبائل وٺي نہ ڏيندس.

(محبوب عطار کي 122 حڪايات، ص۱۳بتغير)

میری آنے والی نسلیں تیرے عشق ہی میں مچلیں
انہیں نیک تُو بنانا مدنی مدینے والے!

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان ڪيل حڪايات ۾ والدين ۽ اَولاد ٻنهي جي لاءِ سبق آموز مدني گل موجود آهن. اهو سچ آهي تہ سنا والدين اولاد جي مدني تربيت کان ڪڏهن بہ غافل ناهن ٿيندا، بلڪ انهن کي نصيحت جي مدني گلن جي خوشبو سان مهڪائي رکندا آهن ۽ انهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪندا آهن، جيڪڏهن اهي پاڻ نمازي، مدني قافلن جا مسافر، مدني انعامات ۽ سُنّتن جا عامل هجن تہ پنهنجي ٻارن کي بہ انهن مدني ڪمن جي ترغيب ڏياريندا آهن ۽ انهن کان پڇا ڳاڇا جو سلسلو جاري رکندا آهن. بهرحال هاڻي اهو فيصلو والدين کي ڪرڻو آهي تہ هو تربيتِ اولاد جو فريضو سر انجام ڏئي اولاد کي پنهنجي لاء صدقہ جاريہ جو سبب بڻائن ٿا يا وري انهن کي کُلي ڇوٽ ڏئي پنهنجي آخرت جي بربادي جو سامان ڪن ٿا.

www.dawateislami.net

## رِسالو"اولاد کے حقوق"

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اولاد جي تربيت سٺي انداز ۾ ڪرڻ ۽ انهن جي حقن جي باري ۾ اهم معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو رسالو ”اولاد کے حقوق“ جو اوّل تا آخر مطالعو ڪرڻ نهايت فائدي مند آهي. هن رِسالي ۾ احاديثِ مبارڪ جي روشني ۾ اولاد جي پيدائش کان وٺي زندگي جي مختلف پهلوئن جي باري ۾ حق بيان ڪيا ويا آهن. اڄ ئي مڪتبة المدينہ جي بستي تان هن رسالي کي هديةً حاصل ڪري پاڻ بہ ان جو مطالعو ڪريو ۽ وڌيڪ تعداد ۾ خريدي ٻين کي تحفي طور پيش ڪريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن رِسالي کي پڙهي بہ سگهجي ٿو ۽ ڊاؤن لوڊ (Download) يا پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!    صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## انٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا جي غلط استعمال جو ٻارن تي بُرو اثر

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اِنٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا (Social Media) جا جيڪي اَخلاقي ۽ مُعاشَرَتي نُقصان آهن هر عقل مند شخص ان کان بخوبي واقف آهي، هڪ وقت هو جو ٽي وي ۽ سنيما جا مُضِر اَثر ۽ ڀيانڪ نتائج مُعاشَري (Society) جي لاءِ اِنتِهائي پريشان ڪن هئا ۽ ٽيلي وزن کي صِحَّت جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ نُقصان ده قرار ڏنو ويو هو، پر اڄ موبائل ۽ اِنٽرنيٽ سڀ کان وڌيڪ صِحَّت کي خراب ۽ اَخلاق کي تباهہ و برباد ڪر رهيا آهن. والدين کي گهرجي تہ پنهنجي ٻارن جي نقل و حرڪت تي توجّهہ رکڻ سان گڏوگڏ حڪمتِ عملي سان انهن جي مدني تَربِيت بہ ڪن، بالخصوص جيڪي ٻار اڃا ننڍا آهن خُدارا اُنهن کي موبائل ۽ اِنٽرنيٽ جي زور دار سيلاب کان بچايو، نہ

تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو انهن نونهالن جو ڪردار هينئر ڪان ئي داغ دار ٿي وڃي. جيڪڏهن ائين ٿيو تہ يقين سمجهو تہ پوءِ اولاد ۽ والدين ٻنهي کي هر هنڌ ذِلّت ۽ رُسوائي کي منهن ڏيڻو پوندو. ٻارن کي مُعاشري جو سٺو ۽ نيڪ مسلمان بنائڻ جي لاءِ پاڻ بہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهو ۽ پنهنجي ٻارن کي بہ هن مدني ماحول سان وابستہ رکو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ قرآن و سنّت جي مُطابِق دِيني ۽ اَخلاقي تَرْبِيت جي طرف ڀر پُور توجه ڏنو ويندو آهي تنهنڪري پنهنجي ننڍن مدني مُنّن ۽ مدني مُنّين کي مدرسةُ المدينہ يا دارالمدينہ ۾ ۽ وڏن کي جامعة المدينہ ۾ داخل ڪرايو ۽ باعمل حافظِ قرآن ۽ عالمِ دِين بڻايو.

## جامعة المدينہ آن لائن

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي دينِ متين جي 103 کان وڌيڪ شعبن ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي، انهن مان هڪ شعبو "**جامعة المدينہ آن لائن**" بہ آهي، جامعة المدينہ آن لائن تحت بہ مختلف ڪورسز جو سلسلو بہ شروع ڪيو ويو آهي. مثلاً طهارت ڪورس، نماز ڪورس، عقائد و فقہ ڪورس، فيضانِ زڪوة ڪورس، درسِ نظامي آن لائن ڪورس، فيضانِ بهارِ شريعت ڪورس، فيضانِ فرض علوم ڪورس، فيضانِ رمضان ڪورس، قرباني ڪورس وغيره. هر ڪورس جي مدت ۽ دورانيہ مختلف آهي، انهن ڪورسز ۾ داخلائن جو طريقي ڪار دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ (www.dawateislami.net) تي ڏنو ويو آهي

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! توهان بہ پنهنجي ٻارن جي تعليم ۽ مدني تربيت جي لاءِ جامعة المدينہ ڪرايو ۽ نجاتِ آخرت جو سامان ڪيو.

www.dawateislami.net

## ماءُ جو هنج پهرين درسگاهه

هڪ اسلامي ۽ فلاحي معاشري جي بقا جي لاءِ انتهائي ضروري آهي تہ ان جي افراد جي تربيت تي ڀرپور توجهه ڏني وڃي، لھٰذا بهتر هي آهي تہ ان جو آغاز ماءُ جي هنج سان ٿئي تہ ان تربيت جا اثرات سڄي زندگي ٻار تي مرتب رهن. ان تناظر ۾ ڌيءُ جي بهترين پرورش جي اهميت مزيد وڌي ويندي آهي ڇو تہ جيڪڏهن اڄ ان جي تربيت ۾ ڪا ڪمي رهجي وئي تہ ان جو ازالو ڪرڻ ناممڪن نہ تہ مشڪل ضرور ٿي ويندو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! اسان مسلمان آهيون ۽ هڪ اسلام پسند معاشري جو حصو آهيون، اسان کي گهرجي تہ ڪڏهن بہ اولاد خصوصًا ڌي جي پرورش ۾ ان جي مدني تربيت کان ڪوتاهي نہ ڪريون، ان کي معاشرتي برائين جي نقصانن کان ڪماحقہ آگاهہ ڪريون تہ جئين اهي ان کان بچي سگهن.

## نِنديڻ جي عادت گهٽ ٿي ڇٽندي آهي

اڄ هڪ پيءُ پنهنجي اٺن ڏهن سالن جي ڌي کي جنهن بي پردگي سان گڏ پنهنجي همراهه هڪ اهڙي تقريب ۾ وٺي ويندو آهي جتي مرد ۽ عورتون گڏ آهن، موسيقي ۽ ميوزڪ جو اهتمام آهي، بي حيا ۽ مغربي تهذيب جي ماريل ڇوڪريون دهل جي ٿاپ تي نهايت ئي بيهودگي سان رقص ڪري رهيون آهن ۽ اها گل جهڙي ٻارڙي سڀ ڏسي ۽ سکي رهي آهي تہ ان جو هي ذهن ٺهجندو ڇو تہ هتي مون کي منهنجو پيءُ وٺي آيو آهي، لھٰذا اهڙي جڳهہ تي وڃڻ ۽ نچڻ ڳائڻ درست آهي ڇو تہ جيڪڏهن هي سڀ غلط هجي هان تہ منهنجو پيءُ هرگز مون کي هتي نہ وٺي اچي هان.

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنهنجي اولاد جي اسلامي اصولن جي مُطابق مدني تربيت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِی الْاَمِين صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

www.dawateislami.net

يارب بچالے تُو مجھے نارِ جحیم سے
اوادپہ بھی بلکہ جہنم حرام ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اڄ اسان ”اولاد جي تربيت ۽ والدين جي ذميواريون“ بابت بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي.

1. والدين جي سٺي تربيت اولاد کي سٺو ۽ بُري تربيت بُرو بڻائيندي آهي.
2. نيڪ اولاد دنيا ۾ راحت ۽ آخرت ۾ نجات جو سبب ٿيندو آهي.
3. سٺا والدين تربيتِ اولاد کان ڪڏهن غافل ناهن ٿيندا.
4. سٺا والدين اولاد کي بد دعا نہ ڏيندا آهن.
5. انٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا اولاد جي صحت ۽ اخلاق کي خراب ڪري رهيا آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 8 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مدني دورو“

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ ۽ سڄي دنيا ۾ قرآن و سنت جي تعليمات کي ڦهلائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي ڏينهن رات مصروفِ عمل آهي. اوهان بہ هن عظيم مقصد ۾ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي 8 مدني ڪمن ۾ وڌي چڙهي ڪري حصو وٺڻ جي ڪوشش ڪريو. 8 مدني ڪمن ۾ هڪ هفتہ وار مدني ڪم ”مدني دورو“ بہ آهي. جنهن جي بنيادي مقصد دنيا جي دهن ۾ مگن افراد

کي ان جي مقصدِ حقيقي کان آگاھ ڪرڻ، نماز روزي جي طرف راغب ڪرڻ، گناھن کان نفرت ۽ نيڪين سان محبت پيدا ڪرڻ جو ذهن ڏيڻ شامل آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هي سڀ ڪم نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ ۾ ئي شمار ٿيندا آهن. نفلي عبادات کي ڇڏي ڪري نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ هي ڪهڙي قدر اهم ڪم آهي، ان جو اندازو هن ڳالهہ مان لڳايو تہ قطبِ رباني، غوثِ صمداني حضور سيدنا شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ منهنجي نزديڪ انهن هزارن عابدن جي عبادت کان وڌيڪ پسنديده آهي جيڪي خلوت ۾ رهي ڪري عبادت ڪرڻ وارا آهن. (الفتح الرباني، ص. 181)

اوهان بہ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان مدني دوري ۾ شرڪت کي پنهنجو معمول بڻايو. اوهان جي ترغيب و تحريث جي لاءِ هڪ مدني بهار پيش ڪريان ٿي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! دعوتِ اسلامي وارن تي خوب رحمت جي بارش وسندي آهي، جيئن تہ برمنگهم (يوڪي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان پنهنجي انداز و الفاظ ۾ پيش خدمت آهي. اسان هڪ ڀيري گنجان آبادي واري علاقي جنهن کي اسان مدني ماحول ۾ ”مڪي حلقو“ چوندا آهيون ۾ علاقائي دورو ڪندي نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ گهر وجي رهيا هئاسين.

ان دوران هڪ گهر تي دستڪ ڏني تہ هڪ عُمُر رسيده خاتون نڪتي، جنهن جو تعلق مير پور (ڪشمير) سان هو. اردو ۽ انگلش کان نابلد هئي اسان مٿو جهڪائي نيڪي جي دعوت ڏني ۽ عرض ڪيو تہ گهر جي مردن کي مسجد ۾ موڪلي ڇڏيو. اسان وڃڻ لڳاسين تہ اها چوڻ لڳي: هاڻي منهنجي بہ ٻڌو، اسان وٽ وقت گهٽ هو انهيءِ لاءِ اڳتي وڌي وياسين پر اسان جي هڪ اسلامي ڀاءُ رڪجي ويو. وڏي امان فرمائڻ لڳي: اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون ڪجهہ ئي ڏينهن پهريان

هي مبارڪ خواب ڏٺو تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سبز سبز عمامن وارن جي جهرمٽ ۾ مسجد النبوي الشريف علی صاحبہا الصلوۃ والسلام کان ٻاهر تشريف کڻي اچي رهيا آهن. ۽ هاڻي الله جي قدرت سان اهي سبز سبز عمامي وارا منهنجي گهر نيڪي جي دعوت ڏيڻ لاءِ اچي ويا! ان خاتون کي اسلامي ڀينرن جي هفتہ وار اجتماع جي دعوت ڏني. هاڻي اها پنهنجي خاندان جي اسلامي ڀينرن سميت باقاعدگي سان هفتہ وار اجتماع ۾ شرڪت فرمائن ٿيون.

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿي، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللّٰہ تَعَالٰي عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.
(مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۱/۹۷،حديث:۱۷۵)

سُنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں　　نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ننڊ ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ننڊ ڏيڻ بہ هڪ اهم امر يعني ڪم آهي ان جون بہ سنتون ۽ آداب آهن. پر افسوس!مدني ماحول کان پري رهڻ جي سبب مسلمانن جي اڪثريت کي هن سلسلي ۾ ڪا معلومات ناهي هوندي، جتي ننڊ آئي زور زور سان "آچي آچي" ڪري ورتو. جڏهن تہ اسان کي ان جون بہ سنتون ۽ آداب سکڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ گهرجي.

◈ ننڊ جي وقت مٿو جهڪايو، منهن لڪايو، ۽ آواز آهستي ڪيو ننڊ جو آواز بلند ڪرڻ بيوقوفي آهي. (بهارِ شريعت،حصه ۱۶،ص۱۰۳) حضرت عُباده بن صامت ۽ شَدَّاد بن اوس ۽ حضرت واثِلہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُم کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی

www.dawateislami.net

عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”ڪنهن کي اوڳرائي يا نڇ اچي ته آواز بلند نه ڪري ڇوته شيطان کي اها ڳالهه پسند آهي ته انهن ۾ آواز بلند ڪيو وڃي. (شعب الايمان،باب في تشميت العاطس،فصل في تكريرالعاطس،حديث:۹۳۵۵،۷/۳۲) ◈ نڇ اچڻ تي اَلْحَمْدُ لِلّٰه چوڻ سنت آهي، بهتر هي آهي ته اَلْحَمْدُ لِلّٰه رَبِّ الْعٰلَمِين چوي. ٻڌڻ واري تي واجب آهي ته هڪدم يَرْحَمُكَ الله (يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان تي رحم فرمائي) چوي. ۽ ايتري آواز سان چوي جو نڇ ڏيڻ وارو ٻڌي وٺي. جيڪڏهن جواب ۾ دير ڪئي ته گنهگار ٿيندو. صرف جواب ڏيڻ سان گناه معاف نه ٿيندو توبه به ڪرڻي پوندي. (بهار شريعت،حصه۱۶،ص۱۰۲) حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُمَا کان روايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جڏهن ڪنهن کي نڇ اچي ۽ اهو اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چوي ته فرشتا ” رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ “ چوندا آهن ۽ اهو ”اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ “ چوندو آهي ته فرشتا چوندا آهن: ”يَرْحَمُکَ الله“ يعني الله عَزَّوَجَلَّ توتي رحم فرمائي. (طبراني اوسط،حديث:۳۳۷۱،۲/۳۰۵) ◈ جواب ٻڌي نڇ ڏيڻ وارو چوي: ”يَغْفِرُ اللّٰهُ لَنَا وَ لَكُمْ“ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي ۽ توهان جي بخشش فرمائي) يا هي چوي: ” يَهْدِيْكُمُ اللّٰهُ وَ يُصْلِحُ بَالَكُمْ“ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي هدايت ڏي ۽ توهان جو حال صحيح ڪري). (الفتاوي الهنديه،كتاب ما يحل وما لا يحل،الباب السابع في السلام ...الخ،۵/۳۲۶) ◈ نڇ ڏيڻ وارو ڏاڍيان حمد چوي ته جيئن ڪو ٻڌي ۽ جواب ڏئي ٻنهي کي ثواب ملندو. (الفتاوي الهنديه،كتاب ما يحل وما لا يحل،الباب السا بع في السلام ...الخ، ۵/۳۲۶) ◈ نڇ جو جواب هڪ دفعو واجب آهي، ٻيو ٽيرو نڇ اچي ۽ اُهو اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چوي ته ٻيهر جواب واجب ناهي بلڪ مستحب آهي. (بهارِ شريعت،حصه ۱۶،ص۱۰۲) حضرت اياس بن سلمه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُمَا پنهنجي والد کان روايت ڪن ٿا ته حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ هڪ شخص کي نڇ آئي، مان به موجود هئس.نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: يَرْ حَمُكَ الله، (الله عَزَّوَجَلَّ توهان تي رحم فرمائي) ان کي ٻيهر نڇ آئي ته حضورِاڪرم،نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايائون : ان کي زڪام ٿيو

www.dawateislami.net

آهي. (ترمذي،كتاب الادب،باب ما جاء كم يشمت العاطس، ۴/۳۴۱، حديث:۲۷۵۲)

اي اسان جا پيارا الله عَزَّوَجَلَّ! اسان کي نيڪ جي سنتن ۽ آداب تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ.“. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد